# سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

## سال 2020ع ۽ 2021ع لاءِ ايوارڊن جو اعلان

سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جي رولز 2019ع تحت هيٺين ريت ايوارڊن جو اعلان ڪجي ٿو:

**پهريون ايوارڊ:** سنڌي ٻولي: لسانيات، ٻولي جي تحقيق، لغت سازي، گرامر، لهجن ۽ سنڌو لکت (Indus Script) تي ڄاڻايل سالن ۾ ڇپيل ڪتاب.

**ٻيون ايوارڊ:** سنڌي ٻولي بابت پاڪستان سميت دنيا جي ڪنهن به ٻولي ۾ ڇپيل ڪتاب.

**ٽيون ايوارڊ:** سنڌي ٻولي جي ڪنهن به نئين ۽ منفرد موضوع تي ڇپيل تحقيقي مقالو: (لازمي طور هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي تصديق ٿيل تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل هجي)

**چوٿون ايوارڊ:** سنڌي ٻولي ۾ انٽرنيٽ تي ڪا به ايپليڪيشن، سافٽ ويئر ۽ گيم يا ڊجيٽلائيزيشن جي حوالي سان ڪا به نئين اڳڀرائي.

**شرط:**

1. سال 2020ع ۽ 2021ع دوران ڇپيل ڪتابن جون پنج ڪاپيون شايع ٿيل مقالي جي تحقيقي جرنل جون پنج ڪاپيون ۽ سنڌي ٻولي ۾ ٺهيل سافٽ ويئر، ايپليڪيشنز ۽ گيم جي سورس فائل جون پنج ڊي وي ڊيز اداري ڪي موڪلڻيون پونديون.
2. اهڙو ڪو به ڪتاب هن مقابلي ۾ شامل تي نه سگهندو جنهن ۾ ملڪ/قوم يا مذهب جي خلاف يا شخصي طور ڪنهن تي ذاتي تنقيد ٿيل هوندي. علمي بنيادن تي نظرياتي بحث هن ڳالهه کان آجو هوندو.
3. موڪليل ڪتاب/مقالا/سافٽ ويئر ڊي وي ڊيز واپسي جوڳيون نه هونديون ۽ انهن لاءِ ڪو به معاوضو نه ڏنو ويندو.
4. اداري جي مقرر ڪيل ڪميٽي طرفان ڪتاب/مقالا/ڊي وي ڊيز معزز ججن کي موڪليون وينديون. ججن جو فيصلو قطعي هوندو ۽ ان کي ڪٿي به چئلينج نه ڪري سگهبو.
5. ڪتاب، مقالي ۽ ڊي وي ڊيز موڪلڻ جي آخري تاريخ 15 ڊسمبر 2022ع آهي. ڄاڻايل تاريخ کانپوءِ ايندڙ ڪتاب، سافٽ ويئر ڊي وي ڊيز ۽ مقالا مقابلي ۾ شامل ٿي نه سگهندا.
6. هي اشتهار اداري جي ويب سائيٽ www.sindhila.org تي به ڏسي سگهجي ٿو.

ڪتاب/مقالا ۽ ڊي وي ڊيز موڪلڻ لاءِ پتو:
سيڪريٽري
سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو
نيشنل هاءِ وي قاسم آباد، حيدرآباد
رابطو: 022-9240053

**ڊاڪٽر اسحاق سميجو**
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

INF/KRY/No.4324/2022

SAY NO TO CORRUPTION WEAR MASK-SAVE LIFE

ماسڪ پايو_زندگي بچايو_ماسڪ پايو_محفوظ رهو